نسرين ٽيپو

نياز همايوني جي شاعريءَ ۾ تشبيهن جو خوبصورت استعمال

Abstract:

Beautiful similes in the poetry of Niaz Himayooni

Simile is a beautiful and powerful way of expression. Classical as well as modern poets of Sindh used a large member of similes, which are taken from nature, history, culture and folk tales of Sindh. Niaz Himayooni is a well-known poet of Sindh. He has given message of love and patriotism. In this research paper, the study of beautiful similes of Naiz Himayooni is presented.

ترقي پسندي ۽ قوم پرستي جي موضوع تي شاعري جي فن کي نرالو رنگ ڏيندڙ نياز همايوني ادب جي دنيا ۾ الڳ حيثيت رکي ٿو .نياز همايوني جو تخلص 'نياز' آهي ۽ پاڻ ڳوٺ همايون جي ڪري همايوني سڏايائين. نياز 12 اپريل 1928ع تي همايون شريف، ضلع شڪارپور ۾ ڄائو. سندس نالو مشتاق احمد رکيو ويو. اڳتي هلي نياز، حسن ۽ ادب جي حلقن ۾ نياز همايوني طور مشهور ٿيو. نياز ديني مدرسن ۾ تعليم حاصل ڪئي جتي قرآن شريف ۽ حفظ ڪيائين. هُن طب جي تعليم ۽ حاصل ڪئي ۽ قابل طبيب بنيو.

نياز همايوني پهرين همايون ۽ پوءِ شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ پڻ رهيو. هن طب جو پيشو اختيار ڪيو ۽ مختلف هنڌن تي دواخانا کوليائين. حيدرآباد جي طب واري ڪاليج ۾ استاد ۽ ٿيو ۽ حيدرآباد جي مرڪزي اردو بورڊ لائبريري جو ڊائريڪٽر پڻ رهيو ۽ 1988ع ۾ رٽائر ٿيو. هو سياسي تحريڪن، ادب جي تنظيمن، 'سنڌي ادبي سنگت'، 'جمعيت الشعراءِ سنڌ'، 'رائٽرز گلڊ' ۽ 'بزم خليل' جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو. نياز همايونيءَ جي ڇپيل ڪتابن جو تعداد 22 ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو تعداد 19 آهي. نياز همايونيءَ جي وفات حيدرآباد ۾ 3 جنوري 2003ع تي ٿي ۽ بابن شاهه قبرستان ۾ دفن ٿيل آهي. هن جو تخليقي ۽ تحقيقي ڪم ادب ۾ اهم حيثيت رکي ٿو.

شاعريءَ کي لازوال ۽ سونهن ڀريو بنائڻ لاءِ شاعر مختلف صنعتون استعمال ڪندا آهن، انهن صنعتن مان تشبيهه ۽ هڪ اهم صنعت آهي، جيڪا شاعريءَ جي حسناکي کي وڌائي ٿي. دنيا جي ڪنهن ۽ ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ جيستائين تشبيهه کي استعمال نه ٿو ڪيو ويو، تيستائين شاعري ٻسي محسوس ٿيندي آهي، بلڪل اهڙي طرح، جهڙي طرح ڪا زائفان بنا زيورن جي هجي. تشبيهه شاعريءَ جي سونهن، سينگار، زيب ۽ زينت آهي. ٻين لفظن ۾ تشبيهه شاعريءَ جو لباس آهي، جنهن کان سواءِ شاعري بي مزي ۽ بي لطف هوندي آهي.

ڊاڪٽر بني بخش بلوچ تشبيهه لاءِ لکي ٿو: "تشبيهه لفظ شبيهه مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڀيٽ ڪرڻ. علمي لحاظ کان علم بديع ۽ معاني جو لفظ آهي جنهن جو مطلب آهي ڪنهن شيءِ جي بي سان ڀيٽ ڪرڻ."[1]

تشبيھ جي اصطلاحي معنيٰ لاءِ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: ”تشبيھ جي اصطلاحي معنيٰ آھي، ھڪڙي شيءِ جي ڪنھن ٻئي شيءِ سان ڪن صفتن ۾ مقابلو ڪرڻ. لفظ وانگر، وانگي، وانگيان، جان، جيان، جيئن، جھڙو، جھڙي وغيره، جيڪي مشابھت ڏيڻ ۾ ڪم ايندا آھن، انھن کي حرف تشبيھ چيو ويندو آھي.“[2]

اسان دنيا جي وڏن شاعرن جي شاعريءَ جو مطالعو ڪري ڏسنداسين تہ انھن شاعريءَ ۾ تشبيھن جو استعمال ڪثرت سان ملندو، جن جي ڪري سندن شاعري کي اعليٰ مقام مليو.

سنڌ جي اساسي شاعرن شاھ ڪريم، شاھ لطيف، سچل سرمست ۽ خليفي نبي بخش وغيره، جي شاعريءَ ۾ تشبيھن جو نھايت خوبصورت رنگ پسي سگھجي ٿو. سندن شاعريءَ ۾ چند جو ذڪر پرپور نموني ٿيل آھي، نہ رڳو چند بلڪ انسان جي خوبصورت ادائن، ھلڻ چلڻ، ڳالھائڻ ٻولھائڻ، نيٺ ڪٽي نھارڻ جي نزاڪتن، زلفن جي سنوارڻ جي من موھيندڙ ادائن، ھٿن جي خوبصورت اشارن ۽ جسم جي خوبصورت عضون کي ڪائنات جي مختلف رنگن، گلن ڦلن، پکين جي سھڻن ٻولن، موسمن جي مختلف سھڻن منظرن سان پيٽ ڏيئي شاعرانہ ادب کي مالامال بنايو آھي.

شاھ ڪريم محبوب کي ڪيترو ويجھو ٿو پسي سو ھن بيت مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو.

پاڻياري سر ٻھڙو، جرتي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رھيو آھي روح ۾ [3]
(شاھ ڪريم جو ڪلام، بيت:14)

شاھ لطيف پنھنجي دلي ڪيفيت کي ڪھڙو منظر ٿو بخشي:

منجھان منھنجي روح، جي وڃي ساڃن وسري،
تہ مر لڳي لوھ، ٿر ٻاٻيھو ٿي مران.[4]
(شاھ لطيف،سر حسيني،داستان: ٻيو، بيت: 4)

مارئي جي سونھن کي ڪيئن ٿو پيٽا ڏي:

پکي ۾ پدمڻي، ڪر ڏي وراکا وڃ،
جھڙي صورت سڃ، تھڙي مورت مارئي.[5]
(شاھ لطيف، ’روح رھاڻ‘ ص:5)

سچل سائين پرين جي ڪھڙي نہ خوبصورت پيٽ ٿو ڪري:

مون ۾ آھين تون، تو ۾ آھيان مان،
بجلي بادل سان، جيئن آھي سپرين.[6]
(سچل سرمست،سُر سارنگ، داستان: پھريون،، بيت: 1)

خليفي نبي بخش 'قاسم' جي شاعريءَ ۾ به تشبيهون ڪمال جون آهن:

پريءَ ذات پدمڻيون، اکين ۾ الماس،
منهن مهتابان اڇرو، تن چمڪي تاس،
ڪوڙين مير مواس، 'قاسم' نينهن نمايا.[7]

(خليفي نبي بخش قاسم جي شاعريءَ ، ص:131)

نياز همايوني جي شاعريءَ ۾ تشبيھ نگاري:

نياز همايوني جي شاعريءَ ۾ تشبيهون اسان جي ماحول، تهذيب تاريخ ۽ تمدن سان تعلق رکن ٿيون. تنهن ڪري، انهن جو حسن هيڪاري وڌيڪ دلفريب نظر پيو اچي.

محمد صالح 'عاجز' لکي ٿو: "نياز بيشڪ جتي نظم جو بادشاھ آهي، اُتي تشبيهن تي به پورو عبور رکي ٿو."[8]

هن خوبصورت شاعر ، فارسي جو ماهر هوندي به سنڌي تشبيهن کي ان طرز واپرايو آهي جو حيرت وٺيو وڃي.

تاج جويو لکي ٿو: "سنڌ ۾ شيخ اياز، محمد خان مجيدي، استاد بخاري، بردي سنڌي، تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ابراهيم منشي لاءِ چيو ويندو آهي ته هولي سندن گولي آهي، پر جيڪڏهن ائين چئجي ته اها هولي زميني تشبيهن جون جهوليون پري، صرف نياز همايوني وٽ ئي اچي ٿي ته ان ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو."[9]

نياز جي شاعريءَ جي هر صنف ۾ تشبيهون تمام گھڻي انداز ۾ آهن. لوڪ گيتن، نظمن، دوهن، طويل نظمن، توڙي مزاحيه نظمن ۾ سندس تشبيهون نهايت خوبصورت ۽ بيمثال آهن. سندس تشبيهن ۾ فطر تي حسن آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو لکي ٿو: "نياز وٽ نج وطني تشبيهن جا انبار آهن، گل ڦل، وڻ ٽڻ، ميوي کان ويندي پاڇين ۽ ڪٽي ته پسارڪي هٽ تي وڃي ٿو پھچي."[10]

نياز همايوني دوهي جو خوبصورت شاعر آهي، هن پنهنجي دوهن کي ڪمال پد تي پھچايو آهي. دوهي کي فني گھرجن سميت تمام گھڻو خوبصورت بنايو آهي، هن پنهنجي دوهن ۾ جملي علم بديع ۽ معاني جون خوبيون سمايون آهن، انهن خوبين جي ڪري سندس دوهن ۾ تهائين رونق آئي آهي.

حسن اسان جي حضور ۾ آيو سھڻي وانگي سير چڑھي،
اسان اتاهان ٽياسي ايئن جٹ چانڊوڪي تي ويڑ چڑھي.[11]

هن دوهي جي پهرين ست ۾ چوي ٿو اسان وٽ حسن ائين آيو جيئن سھڻي دريا جي سير چڑھي، بنا ڊپ ۽ ڊاڻ جي دريا پار ڪري من گھريئي منڌار وٽ پھچي ويئي. بي ست ۾ پنهنجي وجود جو تذڪرو ڪندي چوي ٿو ته اسان ايئن هياسي جيئن دريا آهي ۽ جيئن دريا جي ويڑ چانڊوڪي تي چڑھندي آهي، پهرين ست ۾ حسن کي سھڻي سان تشبيھ ڏئي ٿو ۽ پوئين ست ۾ پنهنجي لاءِ چانڊوڪي ۾ ويڑ جي چڑھڻ جي تشبيھ ڏئي ٿو.

نياز همايوني کي تشبيھ جي سھڻي استعمال تي قدرت حاصل ھئي، ڪٿي ڪٿي ته اھڙيون منفرد ۽ حيرت انگيز تشبيھون ڏنيون اٿس جو ھڪ طرف ته دل جي تار تار کي موسيقيت جي مدرتا ملي ٿي ته ٻئي طرف سندس فن جي مجتا جو اعتراف ڪرڻو ٿو پوي.

نياز ھڪ ٻئي دوھي ۾ نھايت دل فريب تشبيھ ڏني آھي، جنھن ۾ پنھنجي پرينءَ سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته پنھنجي پريت ائين آھي جيئن اجري پاٽي ۾ اجرو ڪنول:

پنھنجي پريت ڪنول جان اجري جنھن کي نہ ڪوئي ميرَ لڳي،
جن جا ناتا جھڙ جا پاڇا، تن جي لاري ڪير لڳي.[12]
ٻي سِٽ ۾ ناتن کي جھڙ جي پاڇن سان تشبيھ ڪھڑي نہ سھڻي ۽ جاندار ٻئي لڳي.

نياز پنھنجي گيتن ۾ ٻہ نرالين تشبيھون استعمال ڪيون آھن، جيڪي سندس انفراديت کي واضح ڪن ٿيون، ھتي اسان ھڪ اھڙي گيت کي پيش ڪري رھيا آھيون، جنھن ۾ جواني جي چانڊوڪي سان پيٽ ڪئي ويئي آھي. نياز جواني جي چانڊوڪي سان پيٽ ۽ حياتي جي ويرن سان پيٽ ڪري پنھنجي شاعريءَ کي اعليٰ مقام عطا ڪيو آھي ٿورو ھن گيت تي غور ڪندو ته ڀَالھ پڌري پٽ ٻئي آھي:

تنھنجي جواني چانڊوڪي جان،
منھنجي حياتي ويرن وانگ،
ھيڪل گھارڻ عمر اجائي آءٌ ته ڪريون ڪا روح رھاڻ،
آءٌ ته ڪريون ڪا روح رھاڻ.[13]

ھينئن لوڪ گيت ۾ ٻہ سھڻين تشبيھن جا انبار ڏسو، ھر ھڪ سٽ تشبيھن سان پري پئي آھي.

جھڪين ته ٽاري ڏاڙھونءَ جي ڪَر ڪٽين ته ھرٽي ھرکي،
تکين ته تارا پاڻ لڪائين، لکين ته مکڙي گل ٽئي،
روح ٽيو رابيل، ڏسي ھيءَ راند رمڻ ڙي ڏولیا.
ھاءِ اسان جي جندڙي ٽي ويئي پند پھڻ ڙي ڏولیا.[14]

ھن لوڪ گيت جي بند ۾ نياز ڏول سڃڻ جي جھڪڻ جي ڏاڙھون جي ٽاري ساڻ، ڪر ڪٽڻ جي ھرٽي جي ھرکڻ سان ۽ وري آسمان ڏانھن تکڻ ۽ تارن جو تنھنجي جلوي کي پسي لکي وڃڻ يا تم ٿي وڃڻ، تنھنجي لکڻ سان مکڙي مان گل ٿي وڃڻ، ھي سڀ نظارا ڏسي منھنجو روح رابيل جي گل وانگر ٽڙي ۽ واسجي ويو آھي، پھرين ۽ ٻي سٽ ۾ ٻہ تشبيھون آھن ۽ آخري سِٽ ۾ ھڪ تشبيھ آھي، جيڪي فطري ۽ زميني تشبيھون آھن ۽ تمام خوبصورت لڳن ٿيون، نياز جنھن سھڻين تشبيھن لاءِ تاج جويو لکي ٿو: ”نياز ھمايوني، جديد سنڌ جو اھو واحد شاعر آھي، جنھن جي شاعريءَ ۾ تشبيھون استعارا ۽ ترکيبون، ڏرتيءَ مان ماءُ جي ٽڄ جي گوھن وانگر ڦٽي نڪتل محسوس ٿين ٿيون. ھن جي تشبيھن کي سنڌ جو تھذيبي ۽ قومي پسمنظر آھي ۽ اھي آريسر جي لفظن ۾ واقعي ’سنڌ جيڏيون مٽاھيون‘ لڳن ٿيون. ھن جا گيت ۽ لوڪ گيت ھن جو وايون ۽ ڪافيون، ھن جا نظم ۽ دوھا تشبيھن سان ٽٻتار آھن. تشبيھون ٻہ اھي، جيڪي دل جي اونھاين مان نڪري ٿيون.“[15]

نياز جو هڪ ٻيو گيت ڏسو:

تنهنجي دنيا اندلڪ ريڪا،
منهنجي دنيا گدلا بادل،
مون وٽ روپ نڪو ٻهروپ الا.[16]

گيت جي هن بند ۾ نياز پنهنجي پرين جي روپ کي اندلڪ جي ريڪائن وانگر سهڻو قرار ڏيئي ٿو ۽ ان جي ٻيٽ ۾ پنهنجي روپ يا پنهنجي دنيا کي بادلن جي گدلي روپ وانگر قرار ڏيئي ٿو. جيڪا نياز جي منفرد پيشڪش آهي.

نياز همايوني پنهنجي لوڪ گيتن ۾ خوبصورت لوليون به رقم ڪيون آهن. لولين جي بناوت ۾ فطرت جي نهايت حسين شين جو تذڪرو ملي ٿو ۽ انهن لولين ۾ خوبصورت تشبيهن جو استعمال به ٿيل آهي، اسين مثال طور لولي جو هڪ بند رکون ٿا. جنهن ۾ پنهنجي محبوب جي مرڪ کي پرهه جي مکڙي سان پيٽي پيش ڪيو اٿس:

مرڪ جنين جي پرهه جي مکڙي،
آءٌ ته انهن جي گولي الو.
لولي، لولي الو[17]

نياز همايوني پنهنجي هڪ ٻئي لوڪ گيت ۾ پڻ عجيب رنگ پسايا آهن. هن انساني جوپن کي جهڙ ۾ انار سان تشبيهه ڏيئي ڪمال ڪيو آهي، چوي ٿو:

جوپن ائين جڻ جهڙ ۾ انار بلي،
هي ريڪا، هي روپ نکار بلي.[18]

گوري تنهنجا اندلڪ جهڙا انگ بلي،
ويچارن تي وجهي ڇڏيا تو ونگ بلي.[19]

مٿئين ست ۾ گوري جي انگن کي اندلڪ سان تشبيهه، سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ هڪ نرالي تشبيهه آهي.

لوڪ گيت 'سنيهو' ۾ ڪيڏيون نه سهڻيون تشبيهون ڏنيو اٿس ڏسو:

سيج پلنگ تي پئي ٽي اٽلان،
جڻ ته تئي تي ماني،
منهنجا جاني، مان ته سنيهو پئي ڳايان،
مان ته سنيهو پئي ڳايان.

اکڙين ۾ گِهمر، اندر ۾ اُلا،
جڻ ته قڙين ۾ نهائين،
منهنجا سائين مان ته سنيهو پئي ڳايان،
مان ته سنيهو پئي ڳايان.[20]

سيج پلنگ تي انتظار ۾ بي چيني ۾، بنا نند جي اڌ پٽل کي تئي ۾ ماني جي اڌ پٽل سان تشبيھ، ڪيڏي نہ شاندار ۽ منفرد آھي. بي بند ۾ گھميل اکڙين ۽ اندر ڏيل اُلن کي برسات ۾ اندر ئي اندر ڪندڙ نھائين سان تشبيھ ڪيڏي نہ بھترين لڳي ٿي. نياز ھمايوني نظم جو بھترين شاعر آھي. ھن جو ھر نظم نھايت دلڪش تشبيھن سان ڀرپور آھي.

نظم ھاءِ جيجل مارئي، جون ھينيون سٽون ڏسو:

تنھنجون ساھيڙيون پٽن تي ھُون ائين اوصاف ۾،
جڙ تہ گوپيون مندرن ۾، جڙ تہ پريون ڪوھ ڪاف ۾.[21]

ھنن شاندار سٽن ۾ نياز مارئي کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ تنھنجون ساھيڙيون خاصيتن توڙي وصفن ۾ پٽن تي ائين ٿيون لڳن جيئن گوپيون مندرن ۾ ۽ پريون ڪوھ ڪاف ۾. ٻين لفظن ۾ گوپين جي مندرن ۾ ھئڻ ۽ پرين جي ڪوھ ڪاف ۾ ھئڻ کي مارئي جي ساھڙين جي پٽن تي ھئڻ سان تشبيھ ڏني ويئي آھي. فني لحاظ کان نياز جي ھي نرالي تشبيھ آھي جيڪا نياز جھڙو شاعر ئي ڏيئي سگھي ٿو، اھا ھر ڪنھن شاعر جي وس کان وڏي ڳالھ آھي.

نياز سندس ھڪ ٻئي نظم 'اچو تہ ڪو بلو ڪريون' ۾ بہ ڏاڍيون پياريون تشبيھون ڏنيون آھن. ھو پنھنجي نوجوانن جي حسرتن کي ڪنيين جي ڪڙڻ/پيدا ٿيڻ سان تشبيھ پيو ڏي، تہ ٻئي طرف نو بھار الفتن کي گلن جي ڦڙڻ سان پيو پيٽي ۽ يادگار ساعتن کي پکين جي مڙي مٽ ٿيڻ سان پيو پيٽي، اھڙي قسم جون تشبيھون ٻولي ۾ ڏاڍيون سھڻيون ٿيون لڳن ۽ اھو نياز جو ڪمال آھي جو ھن پنھنجي اسلوب سان پيش ڪيو آھي:

جي نوجوان حسرتون ڪنيين جيان ڪڙن پيون،
جي نو بھار الفتون، گلن جيان ڦڙن پيون،
جي يادگار ساعتون، پکين جيان مڙڻ پيون.
انھن کان روح ڪن پلا ڇو احتراز ساڻيو.
او دلنواز دوستو، او جانباز ساڻيو!
اچو تہ ڪلو بلو ڪريون،
بلند حوصلو ڪريون،
جيئون جيئن جھان ۾، ٿي سرفراز ساڻيو![22]

مشھور نظم 'مڪلي' ۾ بہ خوبصورت تشبيھون استعمال ٿيل آھن، جيڪو نياز جو ئي دلڪش اسلوب ۽ انداز آھي. ھن ڳيرو نوجوانن جي روپ کي پگھريل سون سان، جسم کي اوساري ۾ لڳل لسڙن پٽرن سان ۽ سندن وھي کي قرني جي گلن سان پيٽ ڏيئي ڪھڙي نہ شاعريءَ ۾ سونھن پيدا ڪئي آھي:

ڳيرو جن جو روپ ايئن جڙ پگھريل سون ڪوناريءَ ۾،
ڳيرو جن جو جسم ايئن جڙ لسڙا، پٽر اوساريءَ ۾،
ڳيرو جن جي وھي ايئن جڙ، قرني جا گل ھاريءَ ۾.[23]

نياز ھمايوني پنھنجي مشھور ۽ طويل ترين نظم 'ساڻيھ جي ساک' ۾ پڻ عمديون تشبيھون استعمال ڪيون آھن. ھن نظم جي ھڪ بند ۾ ننگر سومري جي زال ڪويل کي ڪنول جي گل سان ۽ سندس گفتار کي ڪوئل جي وڻندڙ ٻولي سان

پيٽيو اٿس. هن ساڳئي بند ۾ ڪويل جي جواني کي جهڙالي موسم سان پيٽي ڏاڍو خوبصورت منظر پيش ڪيو آهي، نہ صرف ايترو پر ڪويل جي پيارن چپڙن کي چنار جي سهٽين مکڙين سان پيٽي بلڪل نرالي رنگ ۽ ڍنگ جو اظهار ڪيو اٿس، جيڪو سندس همعصرن وٽ مشڪل سان لبندو.

ڪويل ڇڻ کي ڪنول جو گل هئي، ڪوئل جيان گفتار سنديس،
ڦوهه جواني ڇڻ ته جهڙيالي، جهڙ ڦڙ جيان جنسار سنديس،
چپڙا ڇڻ ته چنار جون مکڙيون، اکڙيون نينهن نکار سنديس.[24]

مجموعي طرح سان اسان هِن نتيجي تي پهچون ٿا ته دنيا جي ٻين شاهوڪار ٻولين جي شعري ادب وانگر سنڌي شاعريءَ ۾ شاهوڪار ادبي حوالي طور ڳڻي سگهجي ٿي. اسان جا شاعر ڏيهان ڏيهي معيار جا شاعر آهن، جن پنهنجي شاعريءَ ۾ صنعتي خوبين سان پنهنجي شعر کي حسن بخشيو جن ۾ تشبيهه ۽ شاعريءَ جي جان ۽ نمايان خوبي آهي، جيتري قدر نياز همايوني جي شاعريءَ جو سوال آهي ته ان ۾ ۽ تشبيهه جو سهٽو استعمال ڪري شاعر ان کي اعليٰ مقام عطا ڪيو آهي، جنهن جا مثال سندس شاعريءَ جي ڪتابن، 'ساٽيهه جي ساک' (1975ع)، 'ڏرتي جا گيت' (1977ع)، نئين ترتيب ڏنل ۽ وڌايل ڪتاب 'دل ۽ ڏرتي جا گيت' (2009ع) ۽ ترتيب کان رهيل مختلف رسالن ۾ چپيل سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن، جن جي مطالعي سان سندس شاعريءَ مان لطف ماڻي سگهجي ٿو.

حوالا

1. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، 'جامع سنڌي لغات'، جلد ٻيون، سنڌي لينگويج اٿارٽي، 2007ع، ص:610.
2. مرزا، قليچ بيگ، 'سنڌي وياڪرڻ'، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1992ع، ص: 386.
3. ميمڻ، عبدالمجيد، ڈاڪٽر، 'شاهه ڪريم جو ڪلام'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1995ع،ص: 50.
4. بلوچ، نبي بخش، ڈاڪٽر، (مرتب) 'شاهه جو رسالو'، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، 1974ع، ص:290.
5. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڈاڪٽر، 'روح رهاڻ'، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو ، 2007ع، ص: 5.
6. انصاري، عثمان علي، (مرتب)، رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 1997ع، ص: 347.
7. مگسي، قادر بخش، ڈاڪٽر، 'خليفي نبي بخش قاسم جي شاعري'، ڇاپو ٻيو، مارچ 2022ع، ص:131.
8. عاجز، محمد صالح، 'دل ۽ ڏرتي جا گيت (نياز همايوني جي شاعري)' (پهرئين ڇاپي جو مهاڳ)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/حيدرآباد، 2009ع، ص:18.
9. جويو، تاج، 'دل ۽ ڏرتي جا گيت' (ٻئي ڇاپي جو مهاڳ)، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو/حيدرآباد، 2009ع، ص:33.
10. جوٽيجو، عبدالجبار، ڈاڪٽر، 'سنڌي ادب جو مختصر جائزو'، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1983ع ، ص:288.
11. جويو، تاج، 'دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت'، ص: 112.
12. ساڳيو، ص:113.
13. ساڳيو، ص: 55.
14. ڀ ماهي مهراڻ، شاعر نمبر 1، 1969ع، ص: 500.
15. جويو، تاج، 'دل ۽ ڏرتي جا گيت'، ص:34
16. ساڳيو، ص: 50.
17. ساڳيو، ص: 66.

18. ساڳيو، ص: 72.
19. ساڳيو، ص: 73.
20. ماهوار، نئين زندگي، جون 1965ع، ص: 56.
21. جويو، تاج، 'دل ۽ ڏرتي جا گيت'، ص: 335.
22. ساڳيو، ص: 336.
23. ساڳيو، ص: 343.
24. ساڳيو، ص: 436.